# آقا ڪريم جو
# سفرِ معراج

13-April-2018



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

((For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# آقا ڪريم جو سفرِ معراج

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهه دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي ته ڪائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضرتِ سَيدُنا اُبَي بن ڪعْب** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان دُرُود جي ڪثرت ڪندو آهيان، مان پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرُود پڙهڻ جي لاءِ ڪيترو وقت مُقرَّر ڪيان؟ "فرمايائون: "جيترو چاهيو ڪيو. "مون عرض ڪيو: "چوٿائي؟" فرمايائون، "جيترو چاهيو ڪيو پر جيڪڏهن وڌيڪ دُرودِ پاڪ پڙهندو ته بهتر آهي."مون عرض ڪيو: "نِصف؟" فرمايائون: "جيترو چاهيو پڙهو، پر وڌيڪ پڙهندؤ ته بهتر آهي." عرض ڪيو،" مان سمورو وَقت اوهان تي دُرودِ پاڪ پڙهندو رهندس." فرمايائون،" پوءِ ته اهو عمل تنهنجي پريشانين کي ڪفايت ڪندو ۽ تنهنجي مَغفِرت جو سبب بڻجي ويندو."

(مستدرڪ،ڪتا ب التفسير،باب اڪثر واعلي الصلوٰة...الخ،۳/ ۱۹۸،رقم:۳۶۳۱ ملتقطاً)

بیٹھتے، اُٹھتے، جاگتے، سوتے ہو الٰہی مرا شِعار دُرود
رُوئے انور پہ نور بار سلام زُلفِ اطہر پہ مشکبار دُرود
اُس مہک پہ شمیم بیز سلام اُس چمک پر فروغ بار دُرود
اُن کے ہر جلوہ پر ہزار سلام اُن کے ہر لمعہ پر ہزار دُرود
سر سے پا تک کروڑ بار سلام اور سراپا پہ بے شُمار دُرود

**مختصر وضاحت:** يعني اي ربّ ڪريم! مون تي اهڙو ڪرم ڪر جو مان أٿندي ويهندي، جاڳندي سمهندي مطلب تہ هر وقت دُرُودِ پاڪ پڙهڻ ئي منهنجو معمول بڻجي وڃي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ چهري تي روشن سلام ۽ سندن پاڪيزه مبارڪ وارن تي خوشبودار دُرُود هجي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسمِ اَطهر مان نڪرڻ واري خوشبو تي خوشبوئن پريو سلام ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چمڪ تي نور وسائڻ وارو دُرُود هجي. جانِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هر جلوي تي هزار سلام ۽ سندن هر چمڪ تي هزار پيرا دُرُود هجن. مٿي کان پيرن تائين پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين پيرا سلام ۽ سندن سڄي جسمِ انور تي بي شمار دُرُود هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو تي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۾ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عظيم ۽ بَرڪت ڀري رات

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ 1439 سنِ هجري جي رجب المرجب جي 27 ستاويهين رات يعني شبِ معراج آهي، الله تبارڪ و تعالٰي جا لک لک شڪر جنهن هڪ ڀيرو ٻيهر اسان کي عظيم الشان فضيلتن ۽ برڪتن واري مقدس رات نصيب فرمائي،

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ! **اِجوڪي رات** اها عظيم ۽ جڳ مڳ جڳ مڳ ڪندڙ رات آهي جو جنهن ۾ اسان جي آقا، حبيبِ ڪبريا، معراج واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هڪ عظيم مُعجِزو عطا ٿيو. **اِجوڪي رات** تمام ملائڪن جي سردار حضرتِ سيدُنا جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظمت ڀري بارگاهه ۾ تمام تيز رفتار سُواري **بُراق** وٺي حاضر ٿيو، ملائڪن پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي گهوٽ بڻائي وڏي احترام سان بُراق تي سُوار ڪيو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مختصر وقت ۾ مڪه مڪرمه کان بيتُ المقدس پهتا، تمام نبين پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اِستقبال ڪيو، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام نبين جي اِمامت فرمائي، **اِجوڪي رات** پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام

آسمانن جي سير فرمائي ۽ اتي جا عجائبات ڏٺا. **اڄوڪي رات** پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر آسمان تي انبياءِ ڪرام عَلَیھِمُ السَّلَام سان ملاقات فرمائي، **اڄوڪي رات** رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سِدرَة المُنتَهٰي تي ـہ ويا، ان جاءِ تي پهچي جبريلِ امين عَلَیْهِ السَّلَام اڳتي هلڻ کان معذرت ڪئي، **اڄوڪي رات** پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان مقام تي ـہ پهتا جتي عقل ۽ سمجهه جي ـہ رسائي ناهي، **اڄوڪي رات** پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي خصوصي اِنعام عطا ٿيا، **اڄوڪي رات** پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شروع ۾ 50 نمازن جو تحفو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ مان عطا ٿيو، جيڪو تخفيف کان پوءِ پنج نمازن جي صورت ۾ اسان تي فرض ڪيو ويو، **اڄوڪي رات** پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جنّت** ۽ دوزخ کي ملاحظ فرمايو، اڄوڪي رات پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جو خاص قُرب حاصل ڪيو، **اڄوڪي رات** پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مٿي جي اکين سان ربِ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جو دِيدار ڪيو.

مطلب تہ معراج واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي معراج واري سفر کي بيان ڪرڻ جو حق ڪير ادا ڪري سگهي ٿو؟ بهرحال وڌي تَوَجُّه ۽ دِلجمعي سان ٻڌو، رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مَحَبَّت دِل ۾ وڌيڪ اُجاگر ٿيندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## معراج جي سفر جو خلاصو

**"تفسيرِ صِراطُ الجنان"** **جلد** 5 صَفحي 414 ۽ 415 تي آهي: **معراج جي رات** حضرت جبريل عَلَیْهِ السَّلَام بارگاھ رسالت ۾ حاضِر ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي معراج جي خوشخبري ٻُڌائي ۽ سندن مُقَدَّس سينو کولي ان کي آبِ زَمْ زَم سان ڌوتائون، پوءِ ان سيني کي حکمت ۽ اِيمان سان ڀري ڇڏيو. ان کان پوءِ تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ بُراق (نالي سُواري) پيش ڪئي وئي ۽ انتهائي اِڪرام و اِحترام سان ان تي سُوار ڪري مسجدِاقصيٰ ڏانهن وٺي ويا. بَيتُ المَقدِس ۾ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سمورن نبين ۽ رسولن عَلَیھِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي اِمامت فرمائي. پوءِ اتان کان آسمانن جي سير ڏانهن مُتَوَجّہ ٿيا،

حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام واري واري سان سمورن آسمانن جا دروازا کولرايا، پهرين آسمان تي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام، ٻي آسمان تي حضرت يحييٰ ۽ حضرت عيسيٰ عَلَيهِمَا الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام، ٽئين آسمان تي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام، چوٿين آسمان تي حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام، پنجين آسمان تي حضرت هارون عَلَيْهِ السَّلَام، ڇهين آسمان تي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ستين آسمان تي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام حُضورِ اَقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ۽ ملاقات سان مُشَرَّف ٿيا، اُنهن حُضورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عزّت ۽ تڪريم ڪئي ۽ تشريف آوري جون مبارَڪون ڏنيون، ايستائين جو نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ آسمان کان ٻي آسمان جي طرف سير ڪندي ۽ اتان جا عجائبات ڏسندي تمام مُقَرَّبِين جي آخري منزل سِدرَۃ الۡمُنتَهٰي تائين پهتا. هن هنڌ کان اڳتي وڌڻ جي جيئن ته ڪنهن مُقَرَّب ملائڪ جي بہ مجال نہ آهي، ان ڪري حضرت جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام اڳتي گڏ وڃڻ کان مَعذِرَت ڪري اتي رهي پيا، پوءِ مقامِ قُربِ خاص ۾ حُضور پُرنُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ترقّيون فرمايون ۽ ان قربِ اعليٰ ۾ پهتا جو جنهن جي تَصَوُّر بابت مخلوق جا اَفڪار ۽ خيالات بہ پرواز کان عاجز آهن. اتي رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي خاص رحمت ۽ ڪرم ٿيو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِنعاماتِ اِلٰهيہ ۽ مخصوص نعمتن کان سرفراز ڪيا ويا، زمين ۽ آسمان جي بادشاهت (Kingship) ۽ اُن کان افضل ۽ بَرتَر عُلوم ماڻيا. اُمّت جي لاءِ نمازون فَرض ٿيون، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪجھ گناهگارن جي شفاعت فرمائي، جنّت ۽ دوزخ جي سير ڪئي ۽ پوءِ دنيا ۾ پنهنجي جڳھ واپس تشريف کڻي آيا. (تفسيرِصراط ُالجنان،۵/۴۱۴-۴۱۵ملخصاً)

دے دیئے تم کو اپنے خزانے ربِّ عزّت ربِّ عُلا نے
دونوں جہاں کی نعمت والے تم پر لاکھوں سلام

تم پر لاکھوں سلام

عرشِ عُلا پر ربّ نے بُلایا اپنا جلوہ خاص دِکھایا
خَلوَت والے جَلوَت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام

تخت تمہارا عرش خدا کا ملک خدا ہے ملک تمہارا
ربّ کی اعلیٰ خِلافت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام

تم کو دیکھا حق کو دیکھا آپ کی صورت اُس کا جلوہ
اچھی اچھی صُورت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام

چشمِ سَر نے حق کو دیکھا دل نے حق کو حق ہی جانا
اے حقّانی صورت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان ته! رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سَفرِ معراج ڪيتري قدر عظمتن ۽ عنايتن ڪان پرپور هو، جنهن ۾ قدم قدم تي رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ربّ ڪريم جون ڪيئي عظيمُ الشّان نشانيون ڏٺيون، اهو به معلوم ٿيو ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ سيني کي عظيمُ الشّان پاڻي يعني زم زم شريف سان غسل ڏئي ان کي حڪمت سان ڀريو

ويو. تي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿئي تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسمِ اَطهر کي غُسْل ڏيڻ جي لاءِ بين پاڻين جي بدران زَم زَم شريف ڪي ئي چو چونديو ويو؟

حڪيمُ الامّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن جي حڪمت کي بيان ڪندي فرمائن ٿا: حُضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت اُمّ هاني بنتِ ابي طالب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جي گهر آرام ۾ هئا، مَلائڪ اتان ڪان بيدارِ ڪري پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي حَطِيمِ ڪعبہ ۾ آندائون، اجا تائين پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي اُونگهہ (ننڊ جو خمار) طاري هئو پوءِ اتي غُسل ڏنو ويو، دُنياوي گهوٽ جي جسم کي غُسل ڏنو ويندو آهي، حُضورِ انور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهڙا نرالا گهوٽ آهن جو پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دل کي بہ غُسل ڏنو ويو. آبِ زَم زَم بين پاڻين (Waters) ڪان افضل آهي ڇوتہ حضرت سَيِدُنا اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قدم ڪان جاري ٿيو آهي، ان ڪري اهو پاڻي ان غُسل جي لاءِ چونديو ويو. اِيمان ۽ حڪمت سان حُضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو سِينو پريو ويو پوءِ ان کي سبيو ويو، حُضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قلب شريف ۾ اِيمان ۽ حڪمت پهريان ڪان ئي موجود هو، اهو بہ (اِيمان ۽ حڪمت جي) زيادَتي فرمائڻ جي لاءِ ٿيو. (مرآة المناجيح،١٥٢/٨ملخصاً)

(نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو) سينو پاڪ اڳ ۾ئي نوراني هو هاڻ نُوْرٌ عَلٰي نُوْر ٿي ويو، سون جنّتي هو، پاڻي زَم زَم، جنّتي سون جي ٿانو ۾ حرم جو پاڻي شريف، سُبْحٰنَ الله ڇا ڳالهہ ڪجي. (مرآة المناجيح،١٣٦/٨ملخصاً) اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:

اُتار کر اُن کے رُخ کا صَدقہ یہ نُور کا بٹ رہا تھا باڑا
کہ چاند سُورج مَچَل مَچَل کر جَبیں کی خَیرات مانگتے تھے

وہی تو اب تک چھلک رہا ہے وہی تو جو بن ٹپک رہا ہے
نَہانے میں جو گِرا تھا پانی کٹورے تاروں نے بَھر لیے تھے

بَچا جو تَلووں کا اُن کے دَھووَن بنا وہ جَنَّت کا رنگ وروغَن
جنھوں نے دُولھا کی پائی اُترَن وہ پُھول گلزار نُور کے تھے

**مختصر وضاحت:** (شبِ معراج) نُور واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روشن چهري جو صَدَقو لاهي نُور جي خَيرات تقسيم ڪئي پئي وئي، چنڊ سج ايتري قدر روشن هئڻ جي باوُجود تڙپندي پيشاني مُصطَفٰي جي خيرات گهري رهيا هئا. معراج جي رات رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي غُسل شريف جو مبارَڪ پاڻي تارن پنهنجي دامن ۾ محفوظ ڪري ورتو هو، اڄ انهيءَ پاڻي جو حُسن ۽ جمال روشني جي صورت ۾ تارن مان ظاهر ٿي رهيو آهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قدمن جي ترين جي بچيل پاڻي سان جنّت کي رَنگ ۽ روغن ڪيو ويو، جنهن کي شَبِ اَسراء جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسمِ اَقدَس مان بَرَڪتون وٺڻ واري لباسِ مبارَڪ مان فَيض مِليو اهي گل نوراني باغ بڻجي ويا ها.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بُراق جو شان ۽ شوڪت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معراج جي رات نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مختلف سُوارين تي سفر فرمايو ۽ لا مڪان تائين وڃي پهتا، جيئن تہ نُور وارا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خود اِرشاد فرمائن ٿا: (معراج جي رات) مون وٽ بُرَاق آندو ويو، جيڪو گڏهہ کان وڏو ۽ خچر کان ننڍو، انتهائي سفيد رنگ جو ڊگهي قد وارو جانور هو،جنهن کي براق چيو ويندو آهي ان جو قدم نظر جي انتهاء تي پوندو هو، مون کي ان (بُراق) تي سُواري ڪيو ويو. (مسلم،ڪتاب الايمان،باب الاسراء، حديث:۴۱۱، ص۸۷)

حڪيمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: جيئن تہ ان جي رفتار (Speed) بجلي وانگر تيز آهي ۽ اهو چمڪ دار سفيد رنگ جو آهي، ان ڪري ان کي بُراق چيو وڃي ٿو، ان تي حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ معراج ۾ بہ سُوار ٿيا ۽ قِيامت ۾ بہ سُوار ٿيندا. خيال رهي تہ هر نبي جو جنّت ۾ هڪ بُراق هوندو سُواري جي لاءِ پر حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو بُراق سڀني کان اعليٰ هوندو، هي اهو ئي بُراق آهي.

حڪيمُ الأمّت حضرت مفتي احمد يارخان نعيمي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ مزيد فرمائن ٿا: (حُضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو:) مان پاڻ سوار نہ ٿيس، بلڪ سوار ڪيو ويس، جبريلِ امين عَلَیۡہِ السَّلَام حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي سوار ڪيو، رڪاب جناب جبريل عَلَیۡہِ السَّلَام ورتي ۽ لگام حضرت ميڪائيل عَلَیۡہِ السَّلَام پڪڙي ۽ ان وڏي شان سان گهوٽ جي سواري هلي. خيال رهي تہ حضورِ انور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو بُراق تي سوار ٿيڻ اظهارِ شان جي لاءِ هو جيئن گهوٽ گهوڙي تي هوندا آهن ۽ جاچي پيادل، ۽ گهوڙو آهستي آهستي هلندو آهي، بُراق جي اها رفتار بہ آهستہ هئي. (مرآة المناجيح،٨/ ١٣٧ ملخصاً)

## سفرِ معراج جون مبارڪ سُواريون

اِمام عَلائي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: معراج جي رات حُضورِ اَنْوَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جون سُواريون پنج (5) نمونن جو هيون: (1) (مڪي ڪان) بَيتُ المَقدِس تائين بُراق تي، (2) بَيتُ المَقدِس کان آسمانِ دنيا تائين نُور جي ڏاڪڻ تي، (3) پهرين آسمانِ کان ستين آسمان تائين ملائڪن جي پرن تي، (4) ستين آسمان کان سِدرَة المُنتَهٰي تائين حضرت جبريلِ امين عَلَیۡہِ السَّلَام جي پرن تي ۽ (5) سِدرَة المُنتَهٰي کان مقامِ قَابَ قَوسَين تائين رَفرَف تي.

(روح المعاني،پ١٥، الاسراء،تحت الاية:١، ١٥ /١٤)

## سفرِ معراج جون منزلون

علّامہ شهابُ الدّين محمود آلُوسي بغدادي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: بَيتُ المَقدِس کان مقامِ قَابَ قَوسَين تائين پهچڻ ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڏهہ (10) منزلون طئي فرمايون: (1) پهريون آسمان (2) ٻيو آسمان (3) ٽيون آسمان (4) چوٿون آسمان (5) پنجون آسمان (6) ڇهون آسمان (7) ستون آسمان (8) سِدرَة المُنتَهٰي (9) مقامِ مُستَوٰي جتي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ قلمِ قدرت جي هلڻ جو آواز ٻڌو ۽ (10) عرشِ اعظم. (روح المعاني،پ١٥، الاسرا ء، تحت الاية:١، ١٥/ ١٥ ملخصاً)

امير ِاَهلسُنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ پنهنجي مشهورِ زمانہ نعتيہ ديوان”وسائلِ بخشش“ ۾ سَفرِ معراج جي حَسين لمحات جي منظر ڪشي ڪندي لکن ٿا :

ہیں صف آرا سب حُور و مَلَک اور غِلماں خلد سجاتے ہیں
اِک دُھوم ہے عَرشِ اعظم پر مہمان خدا کے آتے ہیں

ہے آج فلک روشن روشن، ہیں تارے بھی جگمگ جگمگ
محبوب خدا کے آتے ہیں محبوب خدا کے آتے ہیں

قربان میں شان و عظمت پر سوئے ہیں چین سے بستر پر
جبریلِ امیں حاضر ہوکر معراج کا مژدہ سُناتے ہیں

جبریلِ امین بُراق لئے جنت سے زمیں پر آپہنچے
بارات فرشتوں کی آئی معراج کو دولہا جاتے ہیں

ہے خُلد کا جوڑا زیبِ بدن رحمت کا سجا سہرا سَر پر
کیا خوب سُہانا ہے منظر معراج کو دولہا جاتے ہیں

یہ عزّ و جلال اللہ! اللہ! یہ اَوج و کمال اللہ! اللہ!
یہ حُسن و جمال اللہ! اللہ! معراج کو دولہا جاتے ہیں

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنت جو مشاهدو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سفر معراج ۾ رحمتِ عالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنتي الله پاڪ جي بين وڏين نشانين کي ڏٺو، اتي هن مبارڪ سفر (Journey) جي هڪ خاص ڳالهه اها به هئي ته رسول اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ربّ ڪريم جي هڪ عظيمُ الشّان نشاني يعني جنّت ۾ اتي موجود نعمتن کي به پنهنجي مبارڪ اکين سان مُلاحَظ فرمايو. اچو! ٻڌون ٿا ته پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اتي ڇا ڇا مُلاحَظ فرمايو، جيئن ته

## عاليشان جنّتي محل

حضرت سَيِّدُنا علي المرتضيٰ،شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته هڪ ڀيري اميرُ المؤمنين حضرت سَيِّدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ بارگاهِ رِسالت ۾ عَرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! مون کي به ٻڌايو ته معراج جي

رات اوهان جنّت ۾ ڇا ڇا ڏٺو؟ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمايائون: اي اِبنِ خطّاب! جيڪڏهن مان توهان جي وچ ۾ ايترو عَرصو رهان جيترو عَرصو حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم ۾ رهيا ۽ پوءِ توهان کي اهي جنّتي واقعا ۽ مشاهدا ٻڌايان تہ بہ اهي ختم نہ ٿين. پر اي عُمَر! جڏهن تو مون کان پڇيو ئي آهي تہ مون کي بہ جنت جي باري ۾ ٻڌايو تہ پوءِ مان توکي اها ڳالهہ ٻڌايان ٿو جيڪا تنهنجي علاوه مون ڪنهن کي نہ ٻڌائي. (ٻُڌ!) مون جنّت ۾ هڪ اهڙو عاليشان محل (Palace) ڏٺو جنهن جي چائنٺ جنّتي زمين جي هيٺ هئي ۽ ان جو مٿيون حِصّو عَرش جي وچ ۾ هو. مون جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام کان پڇيو: اي جبريل! ڇا تون هن عاليشان محل جي باري ۾ ڄاڻين ٿو، جنهن جي چائنٺ جَنّتي زمين جي هيٺ ۽ مٿاهون حِصّو عَرش جي وچ ۾ آهي؟، جبريلِ امينعَلَيْهِ السَّلَام عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون کي خبر نہ آهي. مون وري پڇيو: اي جبريل! هن محل جي روشني تہ اهڙي آهي جيئن دنيا ۾ سج جي روشني، ڀلا اهوئي ٻڌايو تہ هن تائين ڪير پهچندو ۽ هن ۾ ڪير رهائش اِختيار ڪندو؟ تہ جبريلِ امينعَلَيْهِ السَّلَام عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هن محل ۾ اهو رهندو جيڪو صرف حق ڳالهہ چوندو آهي، حق ڳالهہ جي هدايت ڏيندو آهي، جڏهن ان کي ڪو حق ڳالهہ چوندو آهي تہ هو ڪاوڙ ناهي ڪندو ۽ اُن جو حق تي ئي اِنتقال ٿيندو. مون پڇيو: اي جبريل! ڇا توکي ان جو نالو معلوم آهي؟ عَرض ڪيائين: جي ها! يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهو هڪ ئي شخص تہ آهي. مون پڇيو: اي جبريل! اهو هڪ شخص ڪير آهي؟ عرض ڪيائين: حضرت عُمَر بن خطّاب (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه).

اهو ٻڌي اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه تي رِقت طاري ٿي وئي ۽ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه غش ٿي زمين تي تشريف ڪٽي آيا. حضرت سَيدُنا عَبدُالله بن حسن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه بيان ڪن ٿا: هن واقعي کان پوءِ اسان اميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه جي چهري تي ڪڏهن بہ

مُرڪ نہ ڏني ايستائين جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ دنيا مان تشريف ڪٽي ويا.

(ڪنزالعمال،ڪتاب الفضائل،فضائل الصحابه،الجزء:۶،۲۶۴/۱۲،حديث: ۳۵۸۳۳ ملتقطاً )

خدا کے فضل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا	خدا اُن کا محمد مُصطفٰے فاروقِ اعظم کا

پسِ صدّیقِ اکبر مُصطفٰے کے سب صحابہ میں	ہے بے شک سب سے اُونچا مرتبہ فاروقِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سون جو محل

حضرت سيدُنا ابو بُرَيدَه رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمايو: (شبِ معراج) جڏهن مان جنّت ۾ داخل ٿيس تہ سون سان سينگاريل هڪ محل وٽان منهنجو گذر ٿيو. مون پڇا ڪئي: ”لِمَنْ هٰذَا الْقَصْرُ اهو محل ڪنهن جو آهي؟“ ملائڪن عَرض ڪيو: ”لِرَجُلٍ مِّنَ الْعَرَبِ اهو هڪ عَرَبي نوجوان جو آهي.“ مون چيو: ”اَنَا عَرَبِی مان عَرَبي آهيان.“ ملائڪن عرض ڪيو: ”لِرَجُلٍ مِنْ قُرَيْشٍ اهو هڪ قَرَشِي نوجوان جو آهي.“ مون چيو: ”اَنَا قُرَشِیٌّ مان قَرَشِي آهيان“، ملائڪن عَرض ڪيو: ”لِرَجُلٍ مِّنْ اُمَّةِ مُحَمَّدٍ اهو اُمّتِ محمديہ جي هڪ شخص جو آهي.“ مون چيو: ”اَنَا مُحَمَّدٌ محمد تہ مان آهيان. ملائڪن عرض ڪيو: ”لِعُمَرَ بْنِ الْخَطَّابِ اهو محل عُمَر بن خطّاب رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جو آهي.“ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمايائون: ”فَاَرَدْتُ اَنْ اَدْخُلَهُ فَاَنْظُرَ اِلَيْهِ، فَذَكَرْتُ غَيْرَتَكَ تہ مون چاهيو تہ مان ان محل ۾ داخل ٿيان تہ جيئن ان ڪي ڏسي سگهان پر مون ڪي تنهنجي غيرت ياد آئي.“ اهو ٻڌي اميرُ المؤمنين حضرت سيدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ عرض ڪيائون: ”بِاَبِي وَاُمِّي يَا رَسُولَ الله،اَعَلَيكَ اَغَارُ؟ يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! ڇا مان اوهان تي بہ غيرت

ڪندس.“ (ترمذي، كتاب المناقب، باب في مناقب ابي حفص۔۔۔الخ،۳۸۵/۵،حديث:۳۷۰۹ملتقطاً)(بخاري،كتاب فضائل اصحاب النبي،باب مناقب عمر بن الخطاب ۔۔۔الخ، ۵۲۵/۲، حديث:۳۶۷۹)

صحابہ اور اہلِ بیت کی دل میں محبّت ہے بفیضانِ رضا میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا

رہے تیری عطا سے یاخدا! تیری عنایت سے ہمارے ہاتھ میں دامن سدا فاروقِ اعظم کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حُورن جو سلام

حضرت سيدُنا انسرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: معراج جي سير دوران مان جنّت جي ”بَيدَخ“ نالي مقام ۾ داخل ٿيس جتي موتين، سبز زَبَرجَد ۽ سُرخ ياقوت جا خيما (Tents) آهن. حُورن چيو: ”اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ الله“ يعني اي الله پاڪ جا رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان تي سلامتي هجي. مون پڇا ڪئي: اي جبريل! اها ڪهڙي آواز آهي؟ اُنهن عَرض ڪيو: اهي خيمن ۾ پرده نشين (حُورون) آهن. اُنهن اوهان تي سلام پيش ڪرڻ جي پنهنجي ربّ ڪريم کان اِجازت گهري آهي، الله پاڪ انهن کي اِجازت ڏني تہ اهي چوڻ لڳيون: اسان راضي رهڻ واريون آهيون اسان ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿينديون سين، اسان هميشہ رهڻ واريون آهيون ڪڏهن نہ وينديون سين. هن تي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سيپاري 27 سوره رحمٰن جي آيت نمبر72 تلاوت فرمائي:

حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِي الْخِيَامِ ﴿۷۲﴾ (پ۲۷،الرحمٰن:۷۲)

ترجموڪنز الايمان:حُورون آهن شاميانن ۾ پرده نشين.

( البعث والنشور للبيهقي، باب ما جاء في صفة الحور العين،ص۲۱۵، حديث:۳۴۰)

مدّت سے جو اَرمان تھا وہ آج نِکالا

حُوروں نے کیا خوب نظارہ شَبِ معراج

## جنّتي نهرون ۽ پکي

حضورنبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: (معراج جي رات) منهنجو جنّت ۾ وڃڻ ٿيو، مون ڏٺو تہ ان جا سنگريزا موتين جا ۽ ان جي مٽي مشڪ جي هئي. (بخاری، کتاب احادیث الانبیاء، باب ذکر ادریس علیه السلام، ۴۱۷/۲ ، الحدیث:۳۳۴۲ ،ملتقطاً) پوءِ چار (4) نهرون ڏٺيون هڪ پاڻيءَ جي، جنهن جو پاڻي تبديل ناهي ٿيندو، ٻي کير جي جنهن جو ذائقو ناهي بدلجندو، ٽئين شراب جي جنهن ۾ پيئڻ وارن لاءِ لذت آهي (نشو بلڪل ناهي) ۽ چوٿين پاڪيزه ۽ صاف سُٿري ماکيءَ جي. جنّت جا پڪي اُنن وانگر هئا، ان ۾ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي نيڪ ٻانهن جي لاءِ اهڙا اهڙا انعام تيار ڪري رکيا آهن جنهن کي ڪنهن اک ناهي ڏٺو ۽ نہ ئي ڪنهن ڪَنّ ٻڌو ۽ نہ ئي ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جون خيال گذريو.

(دلائل النبوة للبیهقی، جماع ابواب المبعث، باب الدلیل...بالافق الاعلٰی،۳۹۴/۲)

اعليٰ حضرت،امامِ اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سفرِ معراج جي دوران آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جنّت جي سير جي دلنشين لمحن کي لفظن جو جامو پارائيندي لکن ٿا:

وہ بُرجِ بَطحا کا ماہ پارہ بِہِشت کی سَیر کو سدھارا
چمک پہ تھا خُلد کا ستارہ کہ اِس قمر کے قدم گئے تھے

**شعر جي وضاحت:** معراج جي رات وادي مڪي جا چنڊ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن جنّت جي سير لاءِ تشريف کڻي ويا تہ جنّت جي مُقَدَّر جو ستارو چمڪي پيو، ڇوتہ جنّت ۾ ماهتابِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مبارَڪ قدم جو لڳي رهيا هئا.

سُرُورِ مقدَم کی روشنی تھی کہ تابِشوں سے مہ عَرَب کی
جِناں کے گلشن تھے جھاڑ فَرشی جو پُھول تھے سب کنول بنے تھے

**شعر جي وضاحت:** جڏهن ماهِ عرب، محبوبِ ربّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جنّت ۾ آمدِ باسعادت ٿي تہ روشني ئي روشني ڦهلجي وئي، عَرب جي چنڊ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رُخ روشن مان ڦُٽڻ واري روشني سان جنّت جا گل بہ خوب، خوب ٽرڻ لڳا.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اللّٰه جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسڪول ۾ مدني درس ڏيڻ جي برڪت

مدينةُ الاولياء(ملتان شريف) جي رهائشي اسلامي ڀاء مدني ماحول سان وابستگي کان پهريان پنهنجي زندگي جون قيمتي گهڙيون فضوليات ۾ برباد ڪري رهيو هو جنهن جو ان کي ٿورو بہ احساس نہ هو، دِيني معلومات کان ناواقف، ڪرڪٽ جو شيدائي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ فلمن، ڊرامن جو جنون جي حد تائين شوقين هو. نامحرم عورتن سان ميل جول ان جي ويجهو شرم جي ڳالهہ نہ هئي، ان جي زندگي ۾ تبديلي ڪجهہ هن طرح آئي جو خوش قسمتي سان ان کي اسڪول ۾ ڪجهہ اهڙن دوستن جي صحبت ملي جيڪي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هئا، سبز سبز عمامي شريف جو تاج سجائي سفيدلباس ۾ ملبوس اهي اسلامي ڀائر ان کي نهايت ڀلا لڳندا هئا، پنهنجي ڪلاس ۾ درس ڏيڻ ۽ درس کان بعد انتهائي محبت سان ملاقات ڪري انفرادي ڪوشش جي ذريعي نيڪي جي دعوت ڏيڻ انهن جو روز جو معمول هو، هو اسلامي ڀائرن جي اخلاق ۽ ڪردار سان بيحد متاثر ٿي چڪو هو، ميٽرڪ جو امتحان ڏيڻ کان بعد ان کي بہ درس ڏيڻ جو شوق ٿيو ۽ انهن بہ درس ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيو. آهستہ آهستہ شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا رسالا پڙهڻ جو معمول بڻجي ويو جنهن جي برڪت سان دل جي

دنيا بدلجي وئي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نگاھون جهُڪائي ھوريان آواز سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻجي وئي ۽ ھو بہ مٿي تي سبز سبزعمامو شريف سجائي سنّتن کي خوب خوب عام ڪرڻ لڳو.

مقبول جہاں بھر میں ہو "دعوتِ اسلامی" صدقہ تجھے اے ربِّ غفّار! مدینے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## امامُ الانبياء توھان آھيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سفرِ معراج جو ھڪ پهلو (Aspect) اھو بہ آھي تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ھن رات سيني انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي امامت فرمائي جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آھي: مان ان (بُراق) تي سُواري ڪندي بَيتُ المَقدِس تائين پھتس ۽ جنھن ھنڌ اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام پنھنجي سُوارين کي ٻڌندا ھئا مون ان کي اتي ٻڌي ڇڏيو پوءِ مان مسجدِ (اَقصٰي) ۾ داخِل ٿيس ۽ ان ۾ ٻہ رڪعت نماز ادا ڪئي. (مسلم ،کتاب الایمان ، باب الاسراء برسول اللہ ...الخ ،ص۹۷،حدیث۲۵۹)

مشھور ولي ولي ڪامِل حضرت عَلّامہ مَولانا مَخدوم محمد ھاشِم ٺٽوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: ھن نماز ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام اَنبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جا اِمام ھئا. (سیرۃ سید الانبیاء،ص۱۲۸) (چوتہ) پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عظيم شان جي اِظھار جي لاءِ بَيتُ المَقدِس ۾ تمام اَنبياءِ ڪرَام عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام کي گڏ ڪيو ويو ھو. (سنن النسائی، کتاب الصلاۃ، باب فرض الصلاۃ...الخ، ص۸۱، حدیث:۴۴۸) جڏھن پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اتي تشريف ڪٺي آيا تہ انھن سيني خوش آمديد چيو ۽ نماز جي وقت سيني پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي امامت جي لاءِ اڳيان ڪيو، ۽ پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي اِمَامت فرمائي. (معجم اوسط ،من اسمہ علی،۶۵/۳،حدیث:۳۸۷۹ملخصاً)

نمازِ اَقصٰي ۾ نبي اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اِمامت فرمائڻ جي ھن ايمان

افروز گهڙي جي منظر ڪشي ڪندي اميرِ اهلسنّت،باني دعوتِ اسلاميدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي نعتيہ دِيوان ”وسائلِ بخشش“ ۾ لکن ٿا:

اَقصیٰ میں سُواری جب پہنچی جِبرِیل نے بڑھ کے کہی تکبیر   نبیوں کی اِمامت اب بڑھ کر سُلطانِ جہاں فرماتے ہیں
وہ کیسا حَسِیں منظر ہوگا جب دولہا بنا سَرور ہوگا   عُشّاق تصوُّر کر کر کے بس روتے ہی رہ جاتے ہیں

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| الله جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڇا خُوب نماز آهي جو تمام اَنبياء و رُسُل عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلَام مقتدي، اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِمام ۽ پهريون قبلو نماز جي جاءِ آهي، يقيناً ڪائنات ۾ اهڙي نماز پهريان ڪڏهن نہ ٿي، آسمان اهڙو نَظّارو ڪڏهن نہ ڏٺو. بهر حال اڄ شَبِ اَسرٰي جي گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اَوّل ۽ آخر هئڻ جو راز(Secret) بہ کلي ويو، هن راز تان بہ پَردو کڃي ويو ۽ معنٰي روزِ روشن جيان واضح ٿي وئي، ڇوتہ اڄ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جيڪي سڀني کان آخري رسول آهن، اڳين نبين ۽ رسولن جي اِمامَت فرمائي رهيا آهن. انهيءَ راز کي بَيان ڪندي اَعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنَّت، مولانا شاهہ اِمام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا:

نمازِ اَقْصٰی میں تھا یہی سِرّ، عیاں ہوں مَعنیِ اوّل آخر   کہ دَست بستہ ہیں پیچھے حاضِر، جو سلطنت آگے کرگئے تھے[1]

---

1...حدائقِ بخشش، ص۲۳۲

**مختصروضاحت:** شبِ معراج مسجدِ اقصيٰ ۾ حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام انبياءِ ڪرام و رسل عظام عليهم السلام کي نماز پڙهائي، ان ۾ اهوئي راز هو ته پهرين ۽ آخري جو فرق واضح ٿي وڃي جيڪي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان اڳ ۾ پنهنجي نبوتن جو اظهار ڪري ويا هئا اهي سڀ جا سڀ هٿ ٻڌي رسول پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پنيان بيٺل هئا ۽ امامت جو تاج شبِ معراج، شبِ اسريٰ واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ٿيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”مجلس تقسيمِ رسائل“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شبِ معراج جي مزيد بَرَڪتن کي ماڻڻ جي لاءِ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي خدمتِ دِين جي ڪمن ۾ مشغول ٿيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ ڪم و بيش 104شعبن ۾ دينِ مَتِين جي خدمت ۾ مصروف آهي، انهن شعبن مان هڪ ”مجلسِ تقسيمِ رسائل“ به آهي. هن مجلس جو ڪم گهر گهر، آفيس آفيس، دڪان دڪان، اسڪولز، ڪاليجز، يونيورسٽيز، جامعات ۽ مدارسِ اهلسنت ۾ سڄو سال شيخِ طريقت، امير اهلسنت ۽ مڪتبة المدينه جي بين ڪتابن ۽ رسالن وغيره جي ذاتي طور تي حسبِ استطاعت ۽ مخيّر اسلامي ڀائرن سان رابطو ڪري لنگر رسائل جي ترڪيب ڪرڻ آهي.

مجلس لنگر رسائل جا اسلامي ڀائر بالخصوص دعوت اسلامي وارن کي ۽ بالعموم هر عاشقِ رسول جو هي ذهن ناهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته اهي هن حديث پاڪ: ”تَهَادَوْا تَحَابُّوْا“ (يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو پاڻ ۾ محبت وڌندي) (مؤطاامام مالک،۲/۴۰۷،حديث:۱۷۳۱) تي عمل ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي نِيت سان هر مهيني مڪتبةُ المدينہ تان جاري ڪيل گهٽ ۾ گهٽ 12 ڪتاب يا

رسالا ذاتي رقم مان خريد ڪري پنهنجي رشتيدارن، قريبي دڪاندارن، طلبہ ۽ استادن وغيره ۾ تقسيم ڪريو گڏوگڏ مرحومين جي ايصال ثواب جي لاءِ ٽيو، ڏهو، چاليهو، ورسي وغيره جي موقعن تي بہ رسائل تي مرحومين جو نالو لکرائي مفت تقسيم جي ترڪيب ڪريو. ”مجلسِ تقسيمِ رسائل“ جا ذِمّيدار خُوشي ۽ غمي (مثال طور شادي، فوتگي، ۽ عُرس وغيره)، تڪليف ۽ آزمائش (مثال طور بي روزگاري، بي اَولادي، گهريلو رنجشن ۽ بيماري وغيره)، ان جي علاوه، اِجتماعِ يومِ رضا، اِجتماعِ مِيلاد، جُلُوسِ مِيلاد، اجتماعِ غوثيہ،اِجتماعِ يومِ غريب نواز،شَبِ بَرات، اجتماعِ معراج، شَبِ قَدر، رمضان اِعتڪاف، بُزرگ سڳورن جي عرس، رُڪنِ شوريٰ، نگرانِ ڪابينہ جي بيان، مَدَني مشورو، سفرِ مدينہ، ٻار جي وِلادَت، عَقِيقو، هفتيوار اِجتِماع، مدني مذاڪره اجتماع،OB Vanاجتماعات، نمازِ جُمعہ وغيره جي موقعن تي رسالا ورهائڻ جي خُوب ترغيب ڏيارين ٿا. تنهنڪري اسان سڀ بہ خُوب خُوب تقسيمِ رَسائِل جو اِهتمام ڪريون ۽ ڪوڙ ثَواب ڪمايون.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں     اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عالَمِ مَلَڪوت جي سير ڪري ۽ اللہ پاڪ جي نشانين ڪي مُلاحَظہ فرمائي آسمان تان زمين تي تشريف وٺي آيا، بَيتُ المَقدِس ۾ داخِل ٿيا ۽ بُراق تي سُوار ٿي مَڪي شريف جي لاءِ روانا ٿيا. راهہ ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بَيتُ المَقدِس کان مَڪي تائين تمام منزِلن ۽ قُرَيش جي قافِلن ڪي بہ ڏٺو. اهي سمورا مرحلا طئي ٿيڻ کان بعد پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مسجدِ حرام ۾ پهچي جيئن تہ اجا رات جو ڪافي حِصّو باقي هو، آرام فرما ٿي ويا.

هن دِلرُبا منظر جو نقشو پيش ڪندي اعليٰ حضرت،امامِ اَهلسُنّت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِتَعَالٰىعَلَيْه"حدائقِ بخشش" ۾ تحرير فرمائن ٿا:

خدا کی قُدرت کہ چاند حق کے کروروں منزل میں جلوہ کرکے
ابھی نہ تاروں کی چھاؤں بدلی کہ نُور کے تڑکے آلیے تھے

**مختصر وضاحت:** يعني الله پاڪ جو شان ڏسو ته الله ڪريم جا پيارا حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٿوري ئي دير ۾ ڪروڙين منزلن تي پنهنجو جَلوو ڏيکاري واپس به موٽي آيا، اڃا تائين تارا ساڳي نموني چمڪي رهيا هئا ۽ انهن جو سايو به نه بدليو هو.

صُبح جو جڏهن بيدار ٿيا ۽ رات جي واقِعن کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قُريش اڳيان تَذڪرو ڪيو ته سرداران قُرَيش کي گهڻو تَعَجُّب ٿيو، ايستائين جو ڪجهه بري اندر وارن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مَعَاذَالله ڪوڙو چيو ۽ بعض مختلف سُوال (Questions) ڪيا، جيئن ته اڪثر قُرَيش جي سردارن ڪيئي ڀيرا بَيتُ المَقدِس کي ڏٺو هو ۽ اها به خبر هئي ته حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن به بَيتُ المَقدِس ناهن ويا، ان ڪري اِمتحان لاءِ انهن ماڻهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بَيتُ المَقدِس جي دَر ۽ دِيوار ۽ ان جي محرابن وغيره جي باري ۾ تمام گهڻا سُوال ڪيا. ان وَقت الله پاڪ هڪدم ئي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نگاهه نُبُوّت اڳيان بَيتُ المَقدِس جي پُوري عمارت جو نقشو پيش ڪري ڇڏيو. پوءِ ڪفّارِ قُرَيش پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان سُوال ڪندا ويندا هئا ۽ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عمارت کي ڏسي انهن جي سُوالن جا ٺيڪ ٺيڪ جواب ڏيندا ويا. (سيرت مصطفي،ص٧٣٥ملخصاً)

اعليٰ حضرت،امامِ اَهلسُنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا :

سَرِ عَرش پر ہے تِری گزر دلِ فرش پر ہے تِری نظر مَلَکُوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

**مختصر وضاحت:** يارسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! عَرش کان متي بہ اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اچڻ وڃڻ آهي ۽ زمين بہ سندن نگاهہ ناز ۾ آهي، زمين و آسمان جي ڪا بہ شيءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪان پوشيده نہ آهي.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اللّٰه جي عنايت | مرحبا | معراج جي عظمت | مرحبا | اَقصيٰ جي شوڪت | مرحبا |
| بُراق جي قسمت | مرحبا | بُراق جي سُرعَت | مرحبا | نبين جي اِمامت | مرحبا |
| آقا جي رِفعت | مرحبا | آسمان جي سِياحت | مرحبا | مڪينِ لامڪان جي عظمت | مرحبا |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معراج جي واقعي جي تصديق ۾ اِيمان جو اِمتِحان آهي جو مُختَصَر گهڙي ۾ بيداري جي عالَم ۾ جسم شريف سان آسمان ۽ عَرشِ اَعظم تائين بلڪ عَرش ڪان بہ متي لامڪان تائين تشريف ڪٺي وڃڻ عَقل ڪان متي آهي، انهيءَ ڪري اهي ماڻهو جن جون دليون نُورِ اِيمان ڪان خالي هيون انهن هن عظيم واقعي کي نہ صرف نہ مڃيو بلڪ طرح طرح سان هن جو مَذاق بہ اُڏايو، پر جن جي دلين ۾ ڪامل يقين جو چراغ روشن هو اهي ڪنهن بہ پريشاني ۽ شڪ جو شڪار نہ ٿيا ۽ بنا ڪنهن دليل جي هن مُعجِزي کي تسليم ڪري ورتو، جيئن تہ اميرُالمؤمنين حضرت سَيِّدُنا صِدِّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي باري ۾ اچي ٿو،

## مِعراج جي تصديق ڪرڻ وارو صحابي

اُمُّ المُؤمنين حضرت سَيِّدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي، فرمائن ٿيون: جڏهن حُضُور نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مسجدِ حرام ڪان مسجدِ اَقصيٰ جي سير ڪرائي وئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻي صُبح جو ماڻهن اڳيان هن مڪمل واقعي کي بيان ڪيو، (ڪجهہ) ڪافر ڊوڙندا حضرت سَيِّدُنا

ابوبڪر صدّيق رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ وٽ پهتا ۽ چوڻ لڳا: ڇا توهان هن ڳالهه جي تصديق ڪري سگهو ٿا؟ جيڪا توهان جي دوست چئي آهي ته انهن راتون رات مسجدِ حرام کان مسجدِ اقصٰي جو سير ڪيو؟“ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: ڇا حضور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن واقعي هي بيان فرمايو آهي؟ انهن چيو جي ها. “پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: لَئِنْ قَالَ ذٰلِكَ لَقَدْ صَدَقَ يعني جيڪڏهن سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اهو ارشاد فرمايو آهي ته يقينًا سچ فرمايو آهي، مان هن ڳالهه جي بنا ڪنهن جِهجهڪ جي تصديق ڪيان ٿو، انهن چيو: يعني ڇا توهان ان حيران ڪندڙ ڳالهه جي به تصديق ڪريو ٿا ته اهي اڄ رات بَيْتُ المقدّس ويا ۽ صبح ٿيڻ کان پهرين واپس به اچي ويا؟ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: جي ها! مان ته حُضُورِ اَکرَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آسماني خبرن جي به صبح و شام تصديق ڪندو آهيان. جيڪا يقينًا هن ڳالهه کان به وڌيڪ حيران ڪندڙ ۽ تَعَجُّب واري ڳالهه آهي.“ پوءِ ان واقعي کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ صدّيق مشهور ٿي ويا.

(مستدرڪ،ڪتاب معرفة الصحابة،باب ذکر الاختلا ف في امرخلافة...الخ،۴/۲۵، حديث:۴۵۱۵)

اَمِیْرُ الْمُؤمِنِیْں ہیں آپ اِمَامُ الْمُسْلِمِیں ہیں آپ
نبی نے جنّتی جن کو کہا صدّیقِ اکبر ہیں

سبھی اَصحاب سے بڑھ کر مقرّب ذات ہے اُن کی
رَفِیقِ سَرْوَرِ اَرض و سَما صدّیقِ اکبر ہیں

عُمَر سے بھی وہ افضل ہیں وہ عثماں سے بھی ہیں اعلیٰ
یقیناً پیشوائے مرتضیٰ صدّیقِ اکبر ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ رَجَبُ الْمُرَجَّب جو بَابَرَڪت مهينو اسان جي وچ ۾ جلوه گر آهي. پوءِ عنقريب شَعبَانُ المُعَظّم جي مبارَڪ مهيني جي به جلوه گري ٿيڻ واري آهي. جنهن جي پهرين تاريخ تي مُحَدّثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمد سردار اَحمد چِشتي قادِرِي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو عُرْس ملهايو ويندو آهي. اچو! انهيءَ مُنَاسَبَت سان مُحَدّثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي سيرتِ مُبارَڪ جا ڪجهه حصا مُلاحَظ فرمايو،

## سيرتِ محدّثِ اعظم پاڪستان

محدثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمد سردار احمد چشتي قادريرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مشرقي پنجاب (هند) ۾ 1321هجري مطابق1903ء ۾ پيدا ٿيا ۽ پهرين شعبان 1382ھ مطابق29 ڊسمبر 1962ء ۾ وصال فرمايو. سندن والدِ ماجد جو شُمار علائقي جي معروف ۽ معزّز ماڻهن ۾ٿيندو هو، سندن عظمت ۽ بزرگي ۾ اوهان جي والده جي دُعائن جو بہ عمل دخل هو، اوهان جي والده اڪثر چوندي هئي تہ منهنجو هي دادلو پٽ عظيم شخصيت جو مالڪ بڻجندو.

## مُحَدِّثِ اعظم پاڪستان جا وصف

محدثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا محمد سرداراحمد چشتي قادري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جو ننڍپڻ عام ٻارن کان مختلف هو، ٻاڻ ننڍپڻ کان ئي دِيني ڳالهين ۾ دلچسپي (Interest) رکندا هئا. ٻاڻ جڏهن هلڻ ڦرڻ لائق ٿيا تہ والدِ ماجد سان گڏ مسجد ۾ نماز پڙهڻ ويندا هئا. ذِڪر و اذڪار ۽ نعت خواني جو اهڙو ذوق هو جو عام طور هلندي ڦرندي نعتون پڙهندا ۽ ذِڪرُالله ڪندا هئا. ٻڌڻ وارا حيران ٿيندا هئا تہ هن عُمر ۾ اهڙو ذوق و شوق. (حياتِ محدثِ اعظم، ص۳۰)

عبادت میں،رِیاضت میں،تلاوت میں لگا دے دل رَجَب کا واسِطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولیٰ

محدثِ اعظم پاڪستان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جي حياتِ مبارڪ جي روشن پهلوئن کان وڌيڪ برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ڪيل رسالو "فيضان محدثِ اعظم پاڪستان" جو مطالعو فرمايو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مهيني جي 2 تاريخ تي ڪروڙين حنفين جي عظيم پيشوا حضرتِ سيدُنا امامِ اعظم ابو حنيفہ نعمان بن ثابِت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو عرس شريف ملهايو ويندو آهي. اچو! هن مناسبت سان سندن مختصر سِيرتِ مُبارَڪ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

## سيرتِ امامِ اعظم

حضرت سَيدُنا امامِ اعظمرَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندا هئا ۽ ڪاروبار ۾ ديانتداري ۽ مسلمانن جي خير خواهي جو خُوب خيال رکندا هئا،

سندن مبارڪ نالو نعمان هو، پاڻ 70 هجري ۾ عراق جي شهر ڪوفي ۾ پيدا ٿيا، 80 سالن جي عمر ۾ 2 شعبانُ المعظم 150 هجري ۾ وفات ٿي، امامِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ چئني امامن ۾ وڏي رتبي وارا آهن، چاڪاڻ ته پاڻ تابعي آهن. ”تابِعي“ ان (خوش نصيب انسان) کي چوندا آهن: ”جنهن ايمان جي حالت ۾ ڪنهن صحابي سان ملاقات ڪئي هجي ۽ ايمان ئي تي ان جو خاتمو ٿيو هجي.“ (منتخب حديثيں،ص۲۵ملخصاً)

سيدُنا امامِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه مختلف رِوايتن مطابق ڪجهه صَحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان سان ملاقات جو شَرَف حاصل ڪيو آهي ۽ ڪجهه صَحابہ عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کان براه راست سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ارشاد بہ ٻڌا آهن. (اشکوں کی برسات،ص۲،۳)

## سَيدُنا امامِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جا وصف

حضرت سَيدُنا امامِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ رمضانُ المُبارَڪ ۽ عيدُ الفطر ۾ 62 قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا (هڪ ڏينهن جو، هڪ رات جو، هڪ تراويح جي سڄي مهيني ۾ ۽ هڪ عيد جي ڏينهن) پاڻ سخاوت ڪندڙ، عِلم سِکائڻ وارا، الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف رکڻ وارا، حقوقُ العباد جو خيال رکڻ وارا، عفو ودرگذر سان ڪم وٺڻ وارا، ۽ فضول ڳالهين کان بچڻ وارا ۽ تقويٰ ۽ پرهيز گاري جهڙين خوبين جا مالڪ هئا. (اشکوں کی برسات،ص ۸ملخصاً)

جو بے مثال آپکا ہے تقویٰ، تو بے مثال ہے آپکا فتویٰ ہیں علم و تقویٰ کے آپ سنگم ،امامِ اعظم ابو حنیفہ

حضرت سَيدُنا امامِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سيرت ۽ ڪردار جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو ”لڙڪن جي برسات“ مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪري نہ صرف پاڻ مطالعو ڪريو ۽ شَعبَانُ المُعَظَم ۾ امامِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ تحفي ۾ پيش ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان پڙهو تہ

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تمام آسمانن جي سير فرمائي.

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلام جي اِمامت ڪئي.

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوة وَالسَّلامسان ملاقاتون ڪيون.

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ربّ ڪريم جي وڏين وڏين نشانين کي مُلاحَظ فرمايو.

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنّت ۽ ان ۾ موجود نعمتن کي بہ ڏٺائون.

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنت ۾ حضرت عُمَر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہ جي عاليشان جنّتي محل کي بہ ڏٺائون.

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ جَنّتي حُورن سلام عَرض ڪيو.

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بَيتُ المَقدِسڪان مڪي تائين تمام منزِلن ۾ قُرَيش جي قافِلن کي بہ ملاحظ فرمايو.

☆ شبِ معراج،معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اَوّل ۽ آخِر هئڻ جو راز ظاهر ٿيو.

☆ شبِ معراج، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ لامڪان جي سير ڪئي.

☆ شبِ معراج،معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ بنا ڪنهن واسِطي جي الله ڪريم جي ديدار سان فيضياب ٿيا.

الله ڪريم شبِ معراج جي طفيل اسان جي گناهن کي معاف فرمائي ۽ اسان کي بِلا حساب ۽ ڪتاب جنت ۾ داخل فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اعتڪاف جي ترغيب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گُناهن کان بچڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿيڻ، هر مهيني ٽن 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر، مدني انعامات تي عمل ۽ دعوتِ اسلامي جي تحت سجي رمضان يا آخري عشري جي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ به آهي. عاشقانِ رمضان جي لاءِ خوشخبري ته اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ المُبارَڪ جي آمد آمد آهي ۽ هن مُبارَڪ مهيني جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! هن مهيني ۾ عبادت و تلاوت ۽ ذِڪر ودُرُود جي ڪثرت ڪري پنهنجي اعمال نامي ۾ گهڻيون نيڪيون لکائڻ جا موقعا وڏي ويندا آهن. اسان کي به گهرجي ته گُناهن کان پاڻ کي بچائڻ ۽ ڏينهن رات نيڪين ۾ گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي تحت سجي رمضان جي مهيني جي اِعتڪاف ۾ شرڪت جي نه صرف پاڻ نِيت ڪيون بلڪ ٻين اسلامي ڀائرن تي به اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي به تيار ڪيون.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي: مَنِ اعْتَکَفَ اِیمانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِہٖ يعني جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتِڪاف ڪيو، ان جا اڳوڻا سمورا گُناهه بخشيا ويندا." (جامع صغير ص۵۱۶الحديث ۸۴۸۰)

یا خدا ماہِ رمضاں کے صدقے سچّی توبہ کی توفیق دیدے
نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تي سگهي ته هر سال نه ته زِندگي ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو ته سڄي رَمَضانُ المبارَڪ جو اِعتڪاف ڪرڻ ٿي گهرجي.اسان جا پيارا آقا، مٺا مٺا مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خصُوصاً رَمَضان شريف ۾ عبادت جو خُوب اهتِمام ڪندا هئا. جيئن ته رَمَضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قدر کي به پوشيده رکيو ويو آهي، ان ڪري ان مُبارَڪ رات کي تلاش ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو سڄي مبارَڪ مهيني جو اعتِڪاف ڪيو. ۽ هونءَ به مسجِد ۾ رهڻ نهايت وڏي سَعادَت آهي ۽ مُعتَڪف جي ته چا ڳالهه آهي جو رِضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي سڀني مصروفيتن کان فارِغ ڪري مسجِد ۾ ويهي رهندو آهي. فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي: "اعتِڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن، ڇوته هن ۾ ٻانهو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمّل طور تي پنهنجي پاڻ کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف ڪندو آهي ۽ دُنيا جي ان تمام مصروفيتن کان جدا ٿي ويندو آهي جيڪي اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي قُرب جي راهه ۾ حائل ٿيندڙيون آهن ۽ مُعتَڪف جو سمورو وقت حَقيقَةً يا حُڪماً نَماز ۾ گذرندو آهي. (ڇوته نَماز جو انتِظار ڪرڻ به نماز جيان ثواب رکي ٿو) ۽ اعتِڪاف جو اَصل مقصد جماعت سان نَماز جو انتِظار ڪرڻ آهي ۽ مُعتَڪف ان (ملائڪن) کان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي اللّٰه پاڪ جي حڪم جي نافرماني نه ڪندا آهن ۽ جيڪو انهن کي حُڪم ملندو آهي ان کي ادا ڪندا آهن ۽ انهن سان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي ڏينهن رات اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا رَهندا آهن ۽ ان کان بيزار ناهن ٿيندا. (فتاوي عالمگيري ج١ ص٢١٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اِعتڪاف دَوران نيڪيون ڪرڻ جا ڪيتري قدر مَوقعا ملندا آهن اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت رَمَضانُ المُبارَڪ ۾ اعتڪاف جي نظام کي مُنَظّم ڪرڻ جي لاءِ ڪيئي مجالس ۽ ذمہ دار مقرر ڪيا ويندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نه صرف پاڪستان بلڪ دُنيا جي مختلف ملڪن جي سوين مسجدن ۾ سڄي رَمَضانُ المبارَڪ ۽ آخِري عَشره ۾ اِجتِمَاعي اِعتِڪاف جو اهتمام ڪيو ويندو آهي . ان ۾ هزارين اسلامي ڀائر

مُعتَڪف ٿي پنج وقته نماز باجماعت اَدا ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻي نفلي عبادات جي سعادت بہ حاصل ڪندا آهن، هن ڪان علاوه اعتڪاف ۾ وُضو، غسل، نماز، روزي جا ۽ ٻيا شرعي مسئلا بہ سکاريا ويندا آهن ۽ روزانو ظهر ۽ تراويح ڪان پوءِ ٻن 2 مدني مُذاڪرن جي ذريعي شيخ طريقت، اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل سُوالن جا دِلچسپ ۽ علم وحڪمت جي پرپُور جوابن سان معلومات جو وڏو خزانو بہ هٿ ايندو آهي. ۽ ڪيئي مُعتَڪف رَمَضانُ المبارَڪ ختم ٿيڻ تي چند رات جو ئي عاشقانِ رسول سان گڏ سُنّتن جي تربيت جي مَدَني قافلن جا مُسافِر بڻجي ويندا آهن. ڪيئي خوش نصيب عاشقانِ رمضان مختلف مدني ڪورسز مثال طور "**اِصلاحِ اعمال ڪورس، 12مدني ڪم ڪورس، فيضانِ نماز ڪورس، اِمامت ڪورس، مُدرس ڪورس**" وغيره ڪرڻ جي بہ سعادت حاصل ڪندا آهن.

رحمتِ حق سے دامن تم آکر بھرو مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
سُنّتیں سیکھنے کے لیے آؤ تم مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
فضلِ ربّ سے گناہوں کی کالک دُھلے مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں کا تمھیں خوب جذبہ ملے مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
بھائی گر چاہتے ہو "نمازیں پڑھوں" مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں میں تمنّا ہے "آگے بڑھوں" مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم کو راحت کی نعمت اگر چاہیئے مَدَنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

## مدني عطيات جي ترغيب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشقانِ رسول جي مسجد ڀريو مدني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي سڄي دُنيا ۾ ڌُوم ڌام آهي، دعوتِ اسلامي خدمتِ دِين جي تقريباً 104شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، صرف جامعة

المدينہ (للبنين ۽ للبنات)، مدرسة المدينہ (للبنين ۽ للبنات)، مدرسة المدينہ آن لائن (للبنين ۽ للبنات) ۽ مدني چينل جا سالانہ اخراجات ڪروڙين نہ اربين روپين ۾ آهن، جامعة المدينہ جي ذريعي هينئر تائين هزارين عالم سگهڙا تيار ٿيا ۽ پنهنجي خدمتن کي مختلف شعبن ۾ پيش ڪري دِينِ اسلام جي سربُلندي ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري رهيا آهن.

دعوتِ اسلامي تحت ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي بِلا معاوضہ تجويد ۽ مخارج سان درست تلاوتِ قرآنِ ڪريم سيکارڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغان ۽ مدرسة المدينہ بالغات جڏهن تہ مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين کي حفظ ۽ ناظره جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ مدرسة المدينہ للبنين ۽ مدرسة المدينہ للبنات قائم آهن، جن جن هنڌن تي قرآنِ ڪريم پڙهائڻ وارا آساني سان دستياب نٿا ٿين اتي جي لاءِ مدرسة المدينہ آن لائن جو بہ سلسلو آهي. ڪيئي مدارسُ المدينہ ۾ مدني مُنّن کي قيام ۽ طعام جي سهولت بہ دستياب آهي. غير رهائشي مدارس المدينہ ۾ 8 ڪلاڪن جو دورانيو هوندو آهي جڏهن تہ هڪ ٻيا ٻن 2 ڪلاڪن جا جُز وقتي (Part Time) مدارسُ المدينہ بہ پنهنجون مدني بهارون لُٽائي رهيا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن وقت ملڪ و بيرونِ ملڪ ڪم و بيش 2734 مدارس المدينہ قائم آهن، جنهن ۾ تقريبن 128737 (هڪ لک اٺاويهہ هزار ست سو ستٽيهہ) مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون زيرِ تعليم آهن جڏهن تہ استادن سميت ڪل مدني عملي (اسٽاف) جو تعداد اٽڪل 7268 (ست هزار ٻہ سو اٺهٺ) آهي. 2017ء ۾ تقريباً 5229 (پنج هزار ٻہ سو اوڻٽيهہ) مدني منّن ۽ مدني منّين حفظِ قرآن ۽ تقريباً 20580 (ويهہ هزار پنج سو اسّي) ناظره قرآنِ ڪريم پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هينئر تائين ڪم و بيش 74329 (چوهتّر هزار ٽي سو اوڻٽيهہ) مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون حفظِ قرآن جڏهن تہ تقريباً 215882 (ٻہ لک پندرهن هزار اٺ سو ٻياسي) ناظره قرآنِ پاڪ پڙهڻ جي سعادت ماڻي چڪا آهن. مدرسة المدينہ آن لائن ۾ سڄي دُنيا مان تقريباً 7 هزار شاگرد ۽ شاگردياڻيون پڙهي رهيون آهن. ان کي پڙهائڻ وارن جو تعداد تقريباً 633

جڏهن تہ مدني عملي (ناظمن، مُفتّشن وغيره) جو تعداد تقريباً 140 آهي. ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ تقريباً 13853 مدرسة المدينہ بالغان ۾ انهن ۾ پڙهڻ وارا تقريباً 89043 جڏهن تہ مدرسة المدينہ بالغات ۾ پڙهڻ وارين جو تعداد تقريباً63 هزار کان وڌيڪ آهي.★ اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ جامعة المدينہ جون 526 شاخون قائم آهن، جن ۾ 42770 (بائيتاليھ هزار ست سو ستر) کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون درسِ نظامي(عالم ڪورس) جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جڏهن تہ 6871 (ڇھ هزار اٺ سو اِيڪهتر) شاگرد ۽ شاگردياڻيون درسِ نظامي مڪمل ڪري چڪا آهن.

دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ زڪوٰة، صدقات،مدني عطيات ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجي رِشتيدارن، پاڙيسرين، دوستن تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جا فضائل ٻڌائي مدني عطيات گڏ ڪيو.

اچو! اسان بہ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ صدقي جي فضيلتن بابت اٺ (8) احاديث مبارڪ ٻڌون ٿا.

1. صَدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪري ٿو. (المعجم الكبير ، ۴/۲۷۴، حديث:۴۴۰۲)

2. هر شخص (بروزِ قِيامَت) پنهنجي صَدقي جي ڇانو ۾ هوندو ايستائين جو ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو فرمايو وڃي. (المعجم الكبير ، ۱۷/ ۲۸۰، حديث: ۷۷۱)

3. بيشڪ صَدقي ڪرڻ وارن کي صَدقو قبر جي گرمي سان بچائي ٿو ۽ بلاشبہ مسلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صَدقي جي ڇانو ۾ هوندو. (شُعَبُ الايمان، باب الزكاة، التحريض على صدقة التطوع،۳/۲۱۲، حديث:۳۳۴۷)

4. بيشڪ صَدقو ربّ جي غضب کي ٺڏو ڪري ٿو ۽ بُري موت کي دفع ڪري ٿو. (ترمذی، کتاب الزکاة، باب ما جاء فی فضل الصدقة، ۲/ ۱۴۶، حديث:۶۶۴)

5. صبح سويري صَدقو ڏيو جو بلا صَدقي کان اڳتي قدم نٿي کڻي. (شُعَبُ الايمان، باب فی الزكاة،التحريض على صدقة التطوع،۳/۲۱۴، حديث:۳۳۵۳)

6. بيشڪ مسلمان جو صَدقو عمر وڌائي ٿو ۽ بُري موت کي روڪي ٿو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان صَدقو ڏيڻ وارن کان وڏائي ۽ فخر ڪرڻ جي بُري عادت پري ڪندو آهي. (المعجم الکبير، ۱۷/۲۲، حديث:۳۱)

7. جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ صَدقو ڪري ٿو ته اهو (صَدقو) ان جي ۽ باھ جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي. (مجمع الزوائد،کتاب الزکاۃ، باب فضل الصدقۃ،۳/ ۲۸۶، حديث: ۴۶۱۷)

8. نماز (ايمان جو) دليل آهي ۽ روزو (گناهن کان) ڍال آهي ۽ صَدقو خطائن کي ائين مٽائي ٿو جيئن پاڻي باھ کي. (ترمذی، ابواب السفر، باب ما ذُکِر فی فضل الصلاۃ، ۲/ ۱۱۸، حديث:۶۱۴)

اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاھ احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه فتاويٰ رضويہ جلد 23، صفحي 152 صدقي جي فضيلتن بابت احاديث ذڪر فرمائي انهن فضائل جو 25 مدني گلن ۾ اهڙي طرح احاطو فرمائن ٿا: انهن حديثن مان ثابت ٿيو ته جيڪي مسلمان ان نيڪ عمل ۾ نيڪ نيت(ۡ) پاڪ مال سان شريڪ ٿيندا، انهن کي ڪرم الٰهي ۽ باگاھ رسالت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان ملڻ واري انعام جي برڪت سان 25 فائدا ملڻ جي اميد آهي.

﴿۱﴾ الله تعالي جي حڪم سان بري موت کان بچندا: ستر دروازا بري موت جا بند ٿيندا ﴿۲﴾ عمر ۾ اضافو ٿيندو ﴿۳﴾ انهن جي ڳڻپ وڌندي. ﴿۴﴾ رزق جي ڪشادگي ۽ مال ۾ ڪثرت ٿيندي، ان جي عادت سان ڪڏهن محتاج نه ٿيندا. ﴿۵﴾ خير ۽ برڪت حاصل ڪندا ﴿۶﴾ آفتون ۽ بلائون دور ٿينديون، بري قضا ٽرندي، ستر دروزا برائي جا بند ٿيندا، ستر قسمن جون بلائون دور ٿينديون ﴿۷﴾ انهن جا شهر آباد ٿيندا ﴿۸﴾ بدحالي دور ٿيندي ﴿۹﴾ خوف جو انديشو ختم ٿيندو ۽ دلي اطمينان حاصل ٿيندو ﴿۱۰﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شامل حال ٿيندي ﴿۱۱﴾ رحمتِ الٰهي انهن لاءِ واجب ٿيندي ﴿۱۲﴾ ملائڪ انهن تي درود

موڪليندا ﴿۱۳﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جا ڪم ڪندا ﴿۱۴﴾ الله تعالي جو غضب انهن ڪان پري ٿيندو ﴿۱۵﴾ انهن جا گناهہ بخشيا ويندا، انهن جي لاءِ مغفرت واجب ٿي ويندي؛ انهن جي گناهن جي باهہ وسامي ويندي. ﴿۱٦﴾ دين وارن جي خدمت ۾ صدقي ڪان وڌيڪ ثواب حاصل ڪندا ﴿۱۷﴾ غلام آزاد ڪرڻ ڪان وڌيڪ ثواب حاصل ڪندا ﴿۱۸﴾ انهن جا بگڙيل ڪم سنورجي ويندا ﴿۱۹﴾ پاڻ ۾ محبتون وڌنديون، جيڪي هر ڀلائي ۽ خوبي جو مُتّبع (يعني پيروي ڪنديون يا ان جي پويان ايندڻيون) آهن ﴿۲۰﴾ ٿوري خرچ ۾ گهڻن جو پيٽ پربو جو اڪيلا ڪائڻ ها تہ بيٺو خرچ ٿئي ها. ﴿۲۱﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ درجا بلند ٿيندا ﴿۲۲﴾ موليٰ تبارڪ وتعالٰي ملائڪن جي سامهون انهن تي فخر فرمائيندو ﴿۲۳﴾ قيامت جي ڏينهن دوزخ ڪان امن ۾ رهندا ﴿۲۴﴾ آخرت ۾ احسان الٰهي مان فائدو حاصل ڪرڻ وارا هوندا جيڪو مقصدن جي پورائي ۽ مرادن جو حاصل ٿيڻ آهي ﴿۲۵﴾ خداعَزَّوَجَلَّ چاهيو تہ ان مبارڪ گروهہ (ٽولي) مان ٿيندا جيڪو حضور پرنور سيد عالم، سرور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعل اقدس جي صدقي سڀ ڪان پهرين جنت ۾ داخل ٿيندا. ( فتاويٰ رضويہ،۲۳/۱۵۲)

## لنگرِ رضويہ ۾ حصو وٺو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ هر سال هزارين عاشقانِ رسول سچي رمضان ۽ آخري عشري جي اِعتڪاف جي سعادت حاصل ڪندا آهن، ان عاشقانِ رسول جي لاءِ "لنگرِ رضويہ" (سحري ۽ افطاري) جو نهايت وڏو اِنتظام ڪيو ويندو آهي تہ جيئن اهي عاشقانِ رسول دِلجمعي سان علمِ دين جي مدني حلقن ۽ مدني مذاڪرن ۾ ڀرپور توجہ سان شرڪت ڪري سگهن. لنگرِ رَضَويہ جي مد ۾ ڪروڙين روپين جا اخراجات ٿيندا آهن هن نيڪ ڪم ۾ مخير اسلامي ڀائر هن نيڪي

جي عظيم ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪندا آهن، هن سال بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملڪ وبيرونِ ملڪ سوين هنڌن تي سچي مهيني ۾ آخري عشري جو اعتڪاف ٿيندو، جنهن ۾ هزارين عاشقانِ رمضان، رمضان جي مبارڪ ساعتن جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا. تمام عاشقانِ رسول رضاءِ اِلٰهي ۾ ٻين سنين نيتن سان "لنگرِ رضويہ" جي مد ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ ستاويهين رات آهي سڀاڻي ستاويهين جو ڏينهن هوندو، ان ڏينهن يعني 27 رجب جي روزي جي تمام گهڻي فضليت آهي،جيئن تہ

## سوسال جي روزن جو ثواب

رحمت عالم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذِيشان آهي: رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن روزو رکي ۽ رات جو قيام (عبادت) ڪري تہ ڄڻ ان سؤ سال جا روزا رکيا ۽ سؤ سال جي شب بيداري ڪئي، ۽ اها رجب جي 27 تاريخ آهي. (شُعَبُ الْاِيمَان ج۳ص۳۷۴حديث ۳۸۱۱)

## 60 مهينن جو ثواب

حضرت سيدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا : 27 رجب جو جيڪو بہ روزو رکي، الله ڪريم اُن جي لاءِ 60 مهينن جي روزن جو ثواب لکي.
(فَضائِلُ شَهرِ رَجَب ، لِلخَلّال،ص۱۰)(ڪفن کی واپسي،ص8)

عنقريب شعبانُ المعظم جو مهينو اچڻ وارو آهي، هن مبارڪ مهيني جي روزن جي بہ گهڻي فضيلت آهي، سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ ، قرارِ قلب وسينہ، فيض گنجينہصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”(رَمَضان ڪان پوءِ) سڀ ڪان افضل شَعبان جا روزا آهن، تعظيمِ رمَضان جي لاءِ .“
(شُعَبُ الايمان، ج3،ص377،حديث3819)

اُمّ المُومِنِين حضرتِ سَيدَتُنا عائِشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا کان رِوايت آهي، ”حُضورِ انور ،شافِعِ مَحشر، مديني جي تاجور، محبوبِ داوَر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پوري شَعبان جا روزا رکندا هئا، فرمائن ٿيون تہ مون عرض ڪيو: يارسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ”ڇا سيني مهينن ۾ توهان وٽ وڌيڪ پسنديده شَعبان المعظم جا روزا رکڻ آهي؟ تہ شفيعِ روزِ شُمار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ها، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ هن سال مرڻ واري هر جان کي لکي ڇڏيندو آهي ۽ مون کي هي پسند آهي تہ منهنجو آخري وقت اچي ۽ مان روزيدار هجان.“
(مُسندِابويعلي ،ج۴، ص277، حديث4890)

اللّٰہ پاڪ اسان کي معراج جي گهوٽ، مکي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صَدقي سياڻي جو نفل روزو رکڻ، شعبان ۾ پوءِ رمضان جا سمورا روزا رکڻ جي توفيق عطا فرمائي، ڪاش! اسان سڀي رمضان جو يا آخري عشري جو اعتڪاف ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون. ڪاش! چڱين نيتن سان خوب خوب مدني عطيات گڏ ڪرڻ جي توفيق ملي وڃي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِين صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشڪاة الصابيح،ڪتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سينہ تِری سُنَّت کا مدينہ بنے آقا جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڇنڪ ڏيڻ جون سنتون ۽ آداب

اڇو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان ڇنڪ ڏيڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان بہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي ڇنڪ پسند آهي ۽ اوباسي ناپسند. (بخاري ج 4 ص 163 حديث 6226) ﴿2﴾ جڏهن ڪنهن کي ڇنڪ اچي ۽ اُهو اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ چوي تہ ملائڪ رَبُّ الۡعٰلَمِيۡنَ چوندا آهن ۽ جيڪڏهن اُهو رَبُّ الۡعٰلَمِيۡنَ چوندو آهي تہ ملائڪ چوندا آهن: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ تو تي رحم فرمائي. (المعجم الكبير ج 11 ص 358 حديث 12284) ◈ ڇنڪ جي وقت مٿو جهڪايو، منهن لڪايو، ۽ آواز آهستي ڪيو، ڇنڪ جو آواز بلند ڪرڻ بيوقوفي آهي. (ردالمحتار ج 9 ص 684) ◈ ڇنڪ اچڻ وقت اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوڻ گهرجي. (خزائن العرفان صفحي 3 تي طحطاوي جي حوالي سان ڇنڪ اچڻ تي حمد الٰهي کي سنتِ مؤڪده لکيو آهي) بهتر اهو آهي تہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ يا اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰي کُلِّ حَال چوي ◈ ٻڌڻ واري تي واجب آهي تہ فورًا يَرۡحَمُکَ الله (يعني اللّٰهعَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي) چوي ۽ ايتري آواز سان چوي جو ڇنڪ ڏيڻ وارو ٻڌي. (بهار شريعت، جلد 3 حصو 16، ص 476) ◈ جواب ٻڌي ڇنڪ ڏيڻ وارو چوي: ”يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَ لَکُمۡ“ (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي بخشش فرمائي) يا هي چوي: ” يَهۡدِيۡکُمُ اللهُ وَ يُصۡلِحُ بَالَکُمۡ“ (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي هدايت ڏي ۽ توهان جو حال صحيح ڪري) (فتاويٰ هندية،ه /۳۲۶) ◈ جيڪو ڇنڪ اچڻ تي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰي کُلِّ حَال چوي ۽ پنهنجي زبان سيني ڏندن تي ڦيري ڇڏي تہ انشآءالله عَزَّوَجَلَّ ڏندن جي بيمارين کان محفوظ رهندو. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 396) ◈ حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰی وَجۡهَهُ الۡکَرِيۡم فرمائن ٿا: جيڪو ڇنڪ اچڻ تي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰي کُلِّ حَال چوي تہ اُهو ڏاڍ ۽ ڪن جي بيماري ۾ ڪڏهن بہ مبتلا نہ ٿيندو. (مرقاة المفاتيح، ٨/ ۴۹۹،تحت الحديث:۴۷۳۹) ◈ ڇنڪ ڏيڻ واري کي گهرجي تہ ڏاڍيان حمد ڪري تہ جيئن کو ٻڌي ۽ جواب ڏي. (ردالمحتار،٩/ ۶۸۴) ◈ ڇنڪ جو جواب هڪ دفعو واجب آهي، ٻيو ڀيرو ڇنڪ اچي ۽ اُهو اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ چوي تہ ٻيهر جواب واجب ناهي بلڪ مستحب آهي. (عالمگيري ج 5 ص 326) ◈ جواب اُن صورت ۾ واجب ٿيندو

جڏهن نچ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُلِلّٰه چوي ۽ جيڪڏهن حمد نہ ڪري تہ جواب ناهي. (بهار شريعت، جلد 3 ص 477) ◈ ڪيئي اسلامي ڀائر موجود هجن تہ ڪجھ حاضرين جواب ڏنو تہ سڀني جي پاران جواب ٿي ويو پر بهتر اهو آهي تہ سڀئي جواب ڏين. (رد المحتار،۹/ ۶۸۴)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد